# اجازت نامو

**تحقيق جو عنوان** :

**تحقيق جي بنياد تي ٻارن ۾ آنڊي جي خرابين جي خاص حياتياتي عنصرن جي سڃاڻپ ڪرڻ**

**تحقيق ڪار** :

**ڊاڪٽر سيد اسد علي**

اسسٽنٽ پروفيسر :ڊپارٽمينٽ آف پيڊياٽرڪس اينڊ چائلڊ هيلٿ آغاخان يونيورسٽي اسپتال.

**مقصد** :

**اسان آغا خان يونيورسٽي ٻارن جي شعبي پاران تحقيق ڪري رهيا آهيون جيڪا ٻارن ۾ غذائي ڪمي ۽ ان جي اندازي لاءِ نوان طريقا وضح ڪندي. اسان توهان کي گذارش ڪيون ٿا ته توهان هن تحقيق ۾ شامل ٿيو ۽ هن تحقيق ۾ شامل ٿيڻ کي ترجيع ڏيو.**

**طريقہ ڪار** :

توهان جو ٻار اڳيئي ريسپاڪ تحقيق ۾ شامل ٿيل آهي، جنهن ۾ اسان جي صحت جي ورڪر توهان جي گهر هر 07 ڏينهن دورو ڪندي آهي ، توهان جي ٻار جي مجموعي صحت ، ساهہ جي نظام ۾ شديد تڪليف ۽ بخار جي باري ۾ معلومات گڏ ڪندي آهي اسان جا ماڻهو گڏجي انهن بيمارين جو تجزيو ڪندا آهن ۽ جيڪڏهن ضرورت هوندي آهي تہ توهان جي ٻارڪي علاج فراهم ڪندا آهن.

جيئن تہ اسان هن تحقيق ۾ هڪ نئون حصو شامل ڪري رهيا آهيون ، اسان توهان کي گذارش ڪيون ٿا تہ توهان تحقيق جي هن حصي ۾ شامل ٿيو. جنهن ۾ اسان ٻارن ۾ غذا جي ڪمي جي سببن جي سڃاڻپ لاءِ توهان جي ٻار جو ( تقريباً 5 ملي ليٽر ) رت ،پيشاب ۽ پائيخاني جو نمونو 6 ۽ 9 مهيني تي گڏ ڪنداسين. 9 مهيني تي توهان جي ٻار ۾ غذا جي ڪميءَ لاءِ صحت بابت جانچ ڪئي ويندي. اسان غذا جي بحالي لاءِ مخصوص ليبارٽري ۾ ٽيسٽون ڪنداسين ۽ 8 هفتن لاءِ مخصوص غذا ڏينداسين. جيڪڏهن تنهن هوندي بہ غذا جي ڪمي بهتر نہ ٿي تہ ممڪنہ غذا جي ڪمي جا سبب ڳولڻ لاءِ اضافي تجزيو ڪنداسين.

جنهن ۾ هاضمي جي نظام جي مٿئين حصي مان ٽيوب وسيلي جانچ ۽ نمونو بہ وٺي سگهجي ٿو. هن طريقڪار لاءِ توهان کان الڳ سان اجازت ورتي ويندي.

**فائدا** :

توهان جي ٻار جو مفت ۾ جائزو ۽ علاج ڪيو ويندو. ويجهي کان مشاهدو ، غذا جي ڪمي جي تشخيص، تجزيي ۽ غذا جي بحالي پڻ فراهم ڪئي ويندي. جيڪڏهن تنهن هوندي بہ غذا جي ڪمي جو سبب نہ مليو تہ نئون وضح ٿيل علاج فراهم ڪيو ويندو.

**خطرات** :نمونن وٺڻ دوران توهان جي ٻار کي سور ۽ بيچيني ٿي سگهي ٿي. لاڳيتا دورا توهان جي ذاتي زندگي ۾ مداخلت ڪري سگهن ٿا.

Matiari Research & Training Centre